**قرآني بيان**

# جنّت جي ضمانت

(سيپارو: ۱، سورتِ بقرة: 25)

**17-October-2025**

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)

جي تحت مسجدن جي لاءِ

(متوقع اسلامي تاريخ: 24ربيع الآخر، 1447ھ)



جمعة المبارڪ جو

مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ 17 آڪٽوبر 2025ء (متوقع اسلامي تاريخ: 24 ربيعُ الآخر 1447ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

(سيپارو: 1، سورت بقرة: 25)

# جنّت جي ضمانت

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ...جنّتين کي تڪليف نہ ٿيندي
- ...جنّت ۾ پوڪَ
- ...جنّت جي سڀ کان اعليٰ نعمت
- ...جنّت ۾ وٺي وڃڻ وارا اعمال

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بيانات دعوتِ اسلامي)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

قرآني بيان

# جنّت جي ضمانت

(سيپارو: ١، سورتِ بقرة: 25)

**17-October-2025**

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)

جي تحت مسجدن جي لاءِ

(متوقع اسلامي تاريخ: 24ربيع الآخر، 1447ھ)



جمعة المبارک جو

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ ؕ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن ؕ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا رَسُوۡلَ الله　　وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَا حَبِیۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا نَبِیَّ الله　　وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَا نُوۡرَ الله

نَوَیۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِکَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ 1000 ڀيرا درود پاڪ پڙهيو، اهو تيستائين نہ مرندو جيستائين جنت ۾ پنهنجو ٺڪاڻو نہ ڏسي وٺي. (1)

| | |
|---|---|
| ڪعبہ کے بدرُ الدُّجیٰ تم پہ کروروں درود | طیبہ کے شمسُ الضُّحیٰ تم پہ کروروں درود (2) |
| بھینی بھینی مہک پر مہکتی درود | پیاری پیاری نَفاست پہ لاکھوں سلام (3) |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

قَالَ اللهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰی فِی الۡقُرۡاٰنِ الۡكَرِيۡم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

وَ بَشِّرِ الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمۡ جَنّٰتٍ تَجۡرِیۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ ؕ کُلَّمَا رُزِقُوۡا مِنۡهَا مِنۡ ثَمَرَةٍ رِّزۡقًا ۙ قَالُوۡا هٰذَا الَّذِیۡ رُزِقۡنَا مِنۡ قَبۡلُ ۙ وَ اُتُوۡا بِهٖ مُتَشَابِهًا ؕ وَ لَهُمۡ فِیۡهَاۤ اَزۡوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ ٭ۙ وَّ هُمۡ فِیۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿۲۵﴾

صَدَقَ اللهُ الۡعَظِيۡم وَصَدَقَ رَسُوۡلُهُ النَّبِيُّ الۡكَرِيۡم صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]... الترغيب والترهيب، كتاب الذكر والدعاء، الترغيب فی اكثار ...الخ، صفحہ:564، حديث:22۔

[2]... حدائقِ بخشش، صفحہ:264۔

[3]... حدائقِ بخشش، صفحہ:308۔

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سيپارو: 1، سورت بقره جي آيت: 25 ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي. هن آيتِ ڪريمہ ۾ ايمان وارن ۽ نيڪ عمل ڪرڻ وارن کي جنت جي خوشخبري ٻڌائي وئي آهي.

هي قرآنِ ڪريم جو نهايت پيارو انداز آهي تہ جتي غير مسلمن ۽ مجرمن کي جهنم کان ڊيڄاريو ويندو آهي، اتي ئي ايمان وارن ۽ نيڪ ماڻهن کي جنت جي خوشخبري بہ ٻڌائي ويندي آهي ، هن آيتِ ڪريمہ کان اڳين آيتن ۾ ڪافرن (Disbelievers) کي جهنم جي وعيد ٻڌائي وئي ۽ فرمايو ويو تہ اي غير مسلمو! اي اهي ماڻهوؤ! جيڪي قرآنِ ڪريم بابت شڪ (Doubt) ڪندا آهيو، يا تہ توهان قرآنِ ڪريم جهڙو ڪلام ناهي ڏيکاريو! ۽ جيڪڏهن نہ ناهي سگهو ۽ يقينن توهان ان جهڙو ڪلام نہ ناهي سگهندا تہ ان جهنم کان ڊڄو جنهن جو ٻارڻ (Fuel) ماڻهو ۽ پٿر (Stone) آهن ۽ اهو ڪافرن لاءِ تيار ڪيو ويو آهي. هاڻي هن آيتِ ڪريمہ يعني آيت نمبر 25 ۾ ايمان وارن کي، قرآنِ ڪريم تي پڪو يقين (Believe) رکڻ وارن، صاحبِ قرآن نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سچن غلامن کي جنت جي خوشخبري ٻڌائي پئي وڃي. جيئن تہ

## آيتِ ڪريم جي مختصر وضاحت

ارشاد ٿئي ٿو:

| ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ خوشخبري ڏيو. | وَبَشِّرِ |
|---|---|

هي اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان آهي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڪ نالو آهي: بَشِير يعني خوشخبري ٻڌائيندڙ نبي (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم). هتي جيڪا لطف واري ڳالهہ آهي، اها هيءَ آهي تہ جنت الله پاڪ جي آهي، ٻانها بہ ان جا آهن، عبادت بہ ان جي ڪندا آهن، ڪلام بہ ان جو آهي پر ربِ قدير پنهنجي ٻانهن کي، پنهنجي جنت جي خوشخبري پاڻ نہ ٻڌائي پر پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمايو: اي پيارا محبوب!

## وَبَشِّرِ الَّذِيْنَ

جڏهن فرمايو پيو وڃي: اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي ٻانها منهنجا آهن، ڪلمو منهنجو پڙهن ٿا، عبادت منهنجي ڪن ٿا، جنت بہ مون ئي ڏاهي آهي پر خوشخبري انهن کي توهان ٻڌائي ڇڏيو! ان ڪري تہ اسين چئون ٿا:

جو خُدا دیتا ہے ملتا ہے اِسی سرکار سے
کچھ کسی کو حق سے اس دَر کے سوا ملتا نہیں
کوئی مانگے یا نہ مانگے ملنے کا در ہے یہی
بے عطائے مصطفائی مُدّعا ملتا نہیں
خُود خُدا بے واسطہ دے یہ ہمارا منہ کہاں؟
واسطہ سرکار ہیں بے واسطہ ملتا نہیں (1)

خير! هي اسان جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا شانَ آهن، جيڪي قرآنِ ڪريم جي هر هر آيت مان ظاهر ٿين ٿا. الله پاڪ فرمايو: اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! خوشخبري ٻڌائي ڇڏيو! هي خوشخبري ڪنهن کي ٻڌائڻي آهي؟ فرمايائون:

| | |
|---|---|
| الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ | ترجمو ڪنزُ العرفان: جن ايمان آندو ۽ انهن چڱا عمل ڪيا. |

جن کي خوشخبري ٻڌائڻي آهي، انهن جون 2 وصفون (Traits) هتي بيان ٿيون آهن ۽ هي صرف هتي نہ بلڪ قرآنِ ڪريم ۾ عام طور تي جتي بہ خوشخبري ٻڌائي ويندي آهي، تہ اهي 2 وصفون ئي ذڪر ٿينديون آهن: (1): ٻانهو مومن هجي (2): نيڪ عمل ڪرڻ وارو هجي. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ ايمان قبول ڪرڻ سان گڏوگڏ نيڪ اعمال ڪرڻ، نمازون پڙهڻ، روزا رکڻ، زڪوات ڏيڻ، حج ادا ڪرڻ، والدين (Parents) جو ادب و احترام ڪرڻ، تجارت (Trading) ۾،

1...سامانِ بخشش، صفحہ:130-133 ملتقطًا۔

ڪاروبار (Business) ۾، مطلب ته زندگي جي هر هر معاملي ۾ شريعت جي پيروي ڪرڻ به ضروري آهي.

## جنت جي چاٻي جا ڏند

هڪ دفعو حضرت وَهب بن منبہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو: ڇا ڪلمو طيبہ جنت جي چاٻي ناهي؟ فرمايائون: ڇو نه (بلڪل آهي) پر هر چاٻي جا ڏند هوندا آهن، جيڪڏهن توهان انهن ڏندن کان سواءِ تالو کولڻ چاهيندا ته تالو (Lock) نه کلندو.[1]

سُبۡحٰنَ الله! ڪيڏو نه پيارو مثال آهي يعني ڪلمو طيبہ چاٻي آهي ۽ نماز، روزو، حج، زڪوات وغيره عبادتون ان چاٻي جا ڏند آهن، تنهنڪري ان چاٻي جي ذريعي جنت جو تالو کولڻو آهي ته ۞ نمازون به پڙهڻيون پونديون ۞ روزا به رکڻا پوندا ۞ حج فرض هجي ته اهو به ادا ڪرڻو پوندو ۞ زڪوات جون شرطون ملن ته زڪوات به ڏيڻي پوندي ۞ باقي فرض ۽ واجب به پورا ڪرڻا پوندا ۞ گناهن کان به بچڻو پوندو. تڏهن جنت نصيب ٿيندي.

الله پاڪ اسان کي اخلاص سان ڪلمو طيبہ پڙهڻ، ان کي دل ۾ سجائي رکڻ، ان جي تقاضن (Requirements) کي پورو ڪرڻ ۽ ان ئي مبارڪ ڪلمي سان قبر ۾ لهڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

خدایا بُرے خاتِمے سے بچانا ؎ پڑھوں کلمہ جب نکلے دم یاالٰہی!
گناہوں سے بھرپور نامہ ہے میرا ؎ مجھے بخش دے کر کرم یاالٰہی!
تُلیں میرے اعمال میزاں پہ جس دم ؎ پڑے اِک بھی نیکی نہ کم یاالٰہی![2]

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1...بخاري،ڪتاب الجنائز ،باب فی الجنائز و من کان ...الخ،صفحہ:354۔
2...وسائلِ بخشش، صفحہ:110۔

# جَنَّتي نعمتن جو مختصر بيان

خير! خوشخبري ٻڌائٽي آهي، ڪنهن کي؟ اهلِ ايمان کي، نيڪ ماڻهن کي. هاڻي اها خوشخبري ڇا آهي؟ ڪهڙي شيءِ جي خوشخبري آهي؟ الله پاڪ فرمايو:

اَنَّ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ كُلَّمَا رُزِقُوْا مِنْهَا مِنْ ثَمَرَةٍ رِّزْقًا ۙ قَالُوْا هٰذَا الَّذِیْ رُزِقْنَا مِنْ قَبْلُ ۙ وَ اُتُوْا بِهٖ مُتَشَابِهًا ؕ وَ لَهُمْ فِیْهَاۤ اَزْوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ ۗ ۙ وَّ هُمْ فِیْهَا خٰلِدُوْنَ (۲۵)

ترجمو ڪنزُ العرفان: انهن جي لاءِ اهڙا باغ آهن جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن، جڏهن انهن کي هنن باغن مان ڪو ميوو کائڻ لاءِ ڏنو ويندو تہ چوندا: هي تہ اهو ئي رزق آهي جيڪو اسان کي پهريان ڏنو ويو هو، حالانڪ انهن کي ملندڙ جلندڙ (پهريان) ڏنو ويو هو ۽ انهن (جَنَّتين) جي لاءِ انهن باغن ۾ پاڪيزه زالون هونديون ۽ اهي انهن ۾ هميشہ رهندا.

سُبْحٰنَ الله! هي اهي عظيم نعمتون آهن جن جي اهلِ ايمان ۽ نيڪ ماڻهن کي خوشخبري ٻڌائي وئي آهي. حڪيمُ الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيتِ ڪريمہ جي تحت فرمائن ٿا: جنت جا 8 طبقا (Levels) آهن:

(1): جنت الفردوس (2): جنتِ عدن (3): جنتِ ماوٰي (4): دارُالْخُلْد (5): دارُالسَّلَام

(6): دَارُالْمُقَامَة (7): عِلِّيين ۽ (8): جنتِ نعيم. هنن درجن (Ranks) جا انهن کان سواءِ بيا بہ نالا آهن. مسلمانن کي انهن جي عملن مطابق انهن طبقن ۾ رکيو ويندو، چوتہ سيني مسلمانن لاءِ هي سڀ جنتون آهن، ان ڪري آيتِ ڪريمہ جو مطلب اهو ٿيو تہ جنتون مسلمانن ۾ ورهائجي وينديون (جنهن جا عمل جيترا وڌيڪ هوندا، ان کي اوترو ئي اعليٰ درجي ۾ رکيو ويندو) [1]

پيارا اسلامي ڀائرو! جنت تمام ئي اعليٰ مقام آهي، ان ۾ الله پاڪ پنهنجي ٻانهن لاءِ اهڙيون اهڙيون نعمتون (Blessings) تيار ڪري رکيون آهن جو جن کي نہ ڪنهن اک ڏٺو، نہ ڪنهن ڪن ٻڌو، نہ ڪنهن دل تي انهن جو خيال گذريو.

---

1...تفسير نعيمى، پاره:1، البقرة، زير آيت:25، جلد:1، صفحه:230 بتغير قليل.

## جنت ڪهڙي شيءِ مان ٺاهي وئي؟

صحابي حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: اسان بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يَا رَسُولَ اللهِ! يَا رَسُولَ اللهِ! مِمَّ خُلِقَ الْخَلْقُ؟ يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! جنت ڪهڙي شيءِ مان ٺاهي وئي آهي؟ فرمايائون: پاڻي مان. اسان عرض ڪيو: اسان کي جنت جي عمارت بابت خبر ڏيو! فرمايائون: جنت جي هڪ سر سون (Gold) جي، هڪ چاندي (Silver) جي آهي، ان جو مِلاط يعني ان جو گارو (سرن کي جوڙڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ شيءِ) خوشبودار مشڪ آهي. ان جي مٽي زعفران جي آهي، ان جون پٿريون موتين (Pearls) ۽ ياقوت (Rubies) جون آهن، جيڪو جنت ۾ داخل ٿيندو اهو خوش رهندو، ڪڏهن مايوس نہ ٿيندو، جنت ۾ هميشہ رهندو، ان کي ڪڏهن موت نہ ايندو. ان جا ڪپڙا پراڻا نہ ٿيندا ۽ ان جي جواني ڪڏهن ختم نہ ٿيندي. (1)

## جَنّتي وڻ جو شان

هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي، رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ جنت ۾ هڪ اهڙو وڻ آهي جو سوار (مثلاً گهوڙي تي سواري ڪرڻ وارو) ان جي ڇانوَ ۾ 100 سال بہ هلندو رهي تہ اهو ختم نہ ٿيندو. (2) ۽ جنت ۾ اهڙيون نعمتون آهن جن کي نہ ڪنهن اک ڏٺو، نہ ڪنهن ڪن ٻڌو، نہ ڪنهن دل ۾ انهن جو خيال گذريو. (3) ۽ جنت ۾ هڪ ڪوڙي (يعني چابُڪ) جي برابر جاءِ دنيا ۽ جيڪو ڪجهہ دنيا ۾ آهي، سڀ کان بهتر آهي. (4)

## جَنّتين کي تڪليف نہ ٿيندي

حضرت مجاهد رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائي ٿو: جَنّتي وڻن جا ٿڙ سُون جا آهن، ان جون ٽاريون زَبرجد ۽ ياقوت جون آهن، ان جا پَتن (Leaves) ۽ ميوا (Fruits) هيٺ

---

1...الزهد والرقائق، کتاب الزہد بروایۃالمروزی، باب ذکر اللہ عزوجل، صفحہ: 380، حدیث:1075۔
2...بخاری، کتاب بدء الخلق،باب ما جاء فی صفة الجنة وانها مخلوقة، صفحہ:832، حدیث:3251۔
3...مسلم، کتاب الجنة وصفة نعیمها واہلها، صفحہ:1087، حدیث:2824۔
4...بخاری، کتاب بدء الخلق،باب ما جاء فی صفة الجنة وانها مخلوقة، صفحہ:832، حدیث:3250۔

لتڪيل آهن، ڪاڻ وارو جيڪڏهن بيهي ڪري ميوو پٽڻ چاهيندو ته ان کي مشقت نہ ٿيندي، جيڪڏهن ويهي ڪري پٽڻ چاهيندو ته بہ تڪليف نہ ٿيندي ۽ جيڪڏهن ليٽي ڪري حاصل ڪرڻ چاهيندو ته بہ ان کي تڪليف نہ ٿيندي. (1)

سُبْحٰنَ الله! ڇا شان آهي جنت جو...!! ربِ ڪريم جنت ۾ صرف راحت ئي راحت، آرام ئي آرام رکيو آهي ايستائين جو جَنَّتي وٽن مان ميوو ٽوڙي کائڻ جو ارادو هوندو ته ميوو ونڻ ۾ بہ ڪا تڪليف نہ ٿيندي، ماٺهو وينل آهي، اٿڻ جو دل بہ نہ پئي ڪري ۽ ميوو بہ کائڻو آهي ته ان کي ويني ويني ئي ميوو ملي ويندو، اهو ليٽي ليٽي ميوو حاصل چاهيندو ته ليٽي ڪري ئي ميوو ملي ويندو. يعني جَنَّتي کي ذرو برابر بہ تڪليف ٿئي، جنت ۾ ان جو ڪو تصور ئي نہ هوندو.

## ڇا جَنَّتي بہ کائيندا پيئندا...؟

حضرت زيد بن ارقم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ دفعو هڪ غير مسلم شخص پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيو: اي ابوالقاسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! توهان ڇا فرمايو ٿا تہ جَنَّتي کائيندا ۽ پيئندا؟ فرمايائون: ها! ان جو قَسم جنهن جي قبضي (Possession) ۾ منهنجي جان آهي! بيشڪ اهلِ جنت کي کائڻ پيئڻ ۾ 100 مردن جي برابر طاقت (Power)ڏني ويندي. هي ٻڌي ان غير مسلم پڇيو: جيڪو کائيندو آهي، پيئندو آهي، ان کي تہ حاجت پيش ايندي آهي ۽ جنت ۾ ڪا تڪليف نہ آهي. رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جنت ۾ قضاءِ حاجت بس ايتري ئي ٿيندي تہ انهن کي مُشڪ (Musk) وانگر خوشبودار پگهر (Sweat) ايندو ۽ سڄو کاڌو هضم ٿي ويندو. (2)

---

1...موسوعہ ابن ابی الدنیا، صفة الجنة وما اعد الله لاہلها من النعیم، جلد:6صفحہ:329، رقم:51۔
2...مسند امام احمد، مسند الکوفین، حدیث زید بن اَرْقَم، جلد:7، صفحہ:736، حدیث:19790۔

## جَنَّتي ڪاڏي جي هر گِره ۾ جدا لذت هوندي

روايتن ۾ آهي: اللّٰه پاڪ فرشتن کي فرمائيندو: منهنجي دوستن (يعني اهلِ جنت) کي ڪاڏو ڪارايو! پوءِ انهن کي مختلف رنگن (Colours) جا ڪاڏا پيش ڪيا ويندا. جَنَّتين کي ان ڪاڏي جي هر گِره (Bite) تي جدا جدا لذت ايندي. جڏهن هي ڪاڏو ڪائي وٺندا تہ حڪم ٿيندو: منهنجي ٻانهن کي پاڻي پياريو! هاڻي مختلف قسم جا شربت پيش ڪيا ويندا، جن جي هر ڍُڪ تي الڳ الڳ مزو ايندو. (1)

## ”ڪُن“ چوڻ جي طاقت عطا ٿيندي

پيارا اسلامي ڀائرو! هن دنيا ۾ اسان لاءِ سڀ ڪان وڏي جيڪا پريشاني آهي، اها هيءَ ئي آهي تہ اسان جي خواهشن (Wishes) تي پهرو لڳايو ويو آهي، هتي اسين پنهنجي مرضي نٿا هلائي سگهون، ڪڏهن ڪڏهن انسان هڪ ننڍڙي خواهش هوندي آهي، اهو ان خواهش کي پورو ڪرڻ لاءِ زندگي ڀر محنت ڪندو آهي، وري بہ خواهش پوري ناهي ٿيندي، هي ڇا آهي؟ اسان جي خواهشن تي پهرو لڳايو ويو آهي، هتي اسان جي هر خواهش، هر تمنا، هر مرضي پوري ناهي هلندي پر جنت ۾ اهلِ جنت تي ڪرم ٿيندو، روايتن ۾ آهي: اهلِ جنت جڏهن جنت ۾ پهچي ويندا تہ هڪ ملائڪ انهن وٽ ايندو ۽ انهن کي سلام ڪري، انهن کي ربِ ڪريم جو هڪ خط پهچائيندو. ان خط ۾ لکيل هوندو: اهو خدا بزرگ جيڪو حيّ و قيُّوم آهي، جنهن کي ڪڏهن موت نہ ايندو، ان جي طرفان انهن جَنَّتين جي نالي پيغام جن تي ڪڏهن موت نہ ايندو. اَمَّا بعد..! بيشڪ مان ڪنهن شيءِ کي ڪُنۡ چوان ٿو تہ اها ٿي ويندي آهي هاڻي ڪان توهان کي بہ هي طاقت ڏني وڃي ٿي تہ توهان جنهن شيءِ کي ڪُنۡ (يعني ٿي وڃ) چوندؤ، اها ٿي ويندي. (2)

---

1...تنبيہ الغافلين، باب صفة الجنة واہلها، صفحہ:38۔

2...الانسان الكامل، الانسان الكامل حامل السر...الخ، صفحہ:15۔

سُبۡحٰنَ اللہ! پيارا اسلامي ڀائرو! هي ڪيڏي نہ عظيم نعمت آهي جيڪا جنت وارن کي عطا ڪئي ويندي...!! جَنَّتي جيڪو چاهيندا، بس "کُن" چوندا تہ چاهت پوري ٿي ويندي. روايتن مطابق جَنَّتي جڏهن ڪاڻ چاهيندو، ان کي ڪاڏو ملي ويندو، جڏهن ڪجهه پيئڻ چاهيندو، ان کي پيئڻ لاءِ پاڻي، کير، ماکِي (Honey)، شربت ملي ويندو، ايستائين جو جَنَّتي اڏامندڙ پکي کي ڏسي جيڪڏهن ان کي کائڻ چاهيندو تہ اهو پکي (Bird) فوراً پَچي ان جي سامهون اچي ويندو. [1] مطلب تہ جَنَّتي جنت ۾ جيڪي چاهيندو، سو ماڻيندو، ان جي ڪنهن ننڍڙي کان ننڍڙي ۽ وڏي کان وڏي خواهش کي اڌورو (Incomplete) نہ ڇڏيو ويندو.

## جنت ۾ پوک

روايتن ۾ آهي: جنت ۾ هڪ ماڻهو آرام سان ليٽيل هوندو، پنهنجا چپ چورڻ بنا دل ئي دل ۾ سوچيندو تہ جيڪڏهن اجازت (Permission) ملي تہ مان جنت ۾ ٻني ٻارو (Farming) ڪريان. اجا هي دل ۾ سوچي ئي رهيو هوندو تہ فرشتا پنهنجيون مُنيون بند ڪري ان وٽ پهچندا، سلام ڪندا. هي فرشتن کي ڏسي اٿي ويهندو، فرشتا چوندا: توهان دل ۾ تمنا ڪئي، تنهنڪري اسين ٻج کڻي آيا آهيون. اهو ٻانهو ٻج (Seeds) کڻي انهن کي زمين ۾ پوکي ڇڏيندو، (جنت ۾ ڇو تہ مشقت تہ آهي ئي نہ، تنهنڪري هي ٻج وجهندو تہ) ساڳئي وقت پهاڙن (Mountains) جيڏا وڏا وڏا فصلَ (Crop) ايري پوندا. [2]

سُبۡحٰنَ اللہ! هي آهي جنت...!! جنت ۾ هر خواهش پوري ڪئي ويندي، هر تمنا پوري ٿيندي، جهڙيءَ طرح دنيا ۾ اسان کي اميدون (Expectations) ٽٽڻ، خواهشون ۽ تمنائون پوريون نہ ٿيڻ جو ڏک برداشت ڪرڻو پوندو آهي، جنت ۾ اهڙو ڪجهه بہ نہ ٿيندو بلڪ آرام ئي آرام هوندو، سڪون ئي سڪون هوندو.

1...بہارِ شریعت، جلد:1، صفحہ:155-156، حصہ:1 خلاصۃً۔
2...حلیۃ الاولیاء، رقم:245، عکرمہ مولیٰ ابن عباس، جلد:3، صفحہ:383 خلاصۃً۔

## هڪ ايمان افروز مدني گل

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان روايت ٻڌي، جنت ۾ ماڻهوءَ کي ٻني ٻاري جي خواهش ٿيندي، ان جاءِ تي حڪيم الامت، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ ايمان افروز نقطو بيان فرمايو آهي، پاڻ لکن ٿا: ماڻهو جنهن حال ۾ جيئندا، ان ئي حال ۾ مرندا ۽ جنهن حال ۾ مرندا، ان ئي حال ۾ قيامت جي ڏينهن اٿندا. هي شخص جيڪو جنت ۾ به ٻني ٻاري جي خواهش ڪندو، هي اصل ۾ اهو هوندو جيڪو زندگي ۾ ٻني ٻارو ڪندو هو، ان کي دنيا ۾ ٻني ٻاري جو شوق هو، ان ئي حال ۾ ان کي موت آيو هوندو، تنهنڪري جنت ۾ به ان کي ٻني ٻاري جا خيال ايندا.

ان مان معلوم ٿيو: جيڪي هن دنيا ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر ذوق ۽ شوق سان ڪندا آهن، جيڪي هر وقت مديني جي يادن ۾ مچلندا، ديدارِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لاءِ تڙپندا آهن، روزِ قيامت جنت ۾ به انهن کي اهو ئي خيال هوندو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! عاشقانِ رسول عشقِ رسول ۾ سرشار جهومندا اٿندا.[1]

امير اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ڪيڏو نه خوب فرمايو:

روتے روتے گر پڑیں گے ان کے قدموں میں وہاں
روزِ محشر شافعِ محشر نظر جب آئیں گے
خُلد میں ہو گا ہمارا داخلہ اس شان سے
یارسولَ اللہ کا نعرہ لگاتے جائیں گے[2]

## جَنَّتين جو حُسن ۽ جمال

پيارا اسلامي ڀائرو! جنت ۾ هر هڪ نهايت حسين و جميل (Good-looking) هوندو، حضرت عڪرمه رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمايو: جنت ۾ هر شخص 33 سالن جو

1...مرآة المناجيح، جلد:7، صفحہ:515 ماخوذًا۔
2...وسائل بخشش، صفحہ:421۔

نوجوان هوندو، انهن جو قد حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي قد جي برابر 60 گز يعني 90 فُٽَ هوندو، سڀ ئي خوبصورت يعني سهڻا جوان هوندا، انهن کي 70 حُلّا (يعني جَنَّتي جوڙا) پارايا ويندا، هر حُلّو 70 رنگ مٽائيندو ۽ انهن جو حسن و جمال اهڙو هوندو جو جَنَّتي پنهنجي زال (Wife) جي چهري ۾ ۽ ان جي زال ان جي چهري ۾ پنهنجو چهرو ڏسي وٺندي) ڇڻ انهن جا چهرا آئيني جيان صاف سٿرا (Transparent) هوندا. (1)

## جَنَّتين جو حُسن وڌندو ويندو

جنت جي هڪ بي بہ خاص ڳالهہ آهي، هن دنيا ۾ اسين جڏهن کان آيا آهيون، اسان جي عمر (Age) مسلسل وڌي رهي آهي، اسين هر هر منٽ بلڪ هر هر سيڪنڊ پراڻا ٿي رهيا آهيون، پيريءَ (Old Age) طرف وڌي رهيا آهيون، جيئن جيئن عمر وڌي ٿي، حُسن، جواني، طاقت ۽ قوت ۾ گهٽتائي ايندي وڃي ٿي، يعني هن دنيا ۾ اسين هر گهڙي فنا جي طرف وڌندا ٿي وڃون ٿا.

مياں محمد بخش صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چا خوب چيو هو:

سدا نہ باغیں بلبل بولے، سدا نہ باغ بہاراں

سدا نہ ماپے، حُسن جوانی، سدا نہ صحبت یاراں

**مفهوم:** باغ ۾ بلبل جا چهنڪار هميشہ ناهي رهندي، نہ باغ ۾ بهار (Spring) هميشہ رهندي آهي. اهڙي طرح ماءُ پيءُ، حُسن، جواني، طاقت و قوت ۽ دوستن جي صحبت (Company) بہ هميشہ ناهي رهندي.

هي دنيا جو دستور (Custom) آهي، هتي هر گهڙي فنا جي طرف وڃي ويندڙ آهي پر جنت جو دستور نرالو هوندو. صحابيءِ رسول حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمايو: مون کي ان ذات جو قسم جنهن محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي قرآن نازل فرمايو! دنيا ۾ جهڙي طرح هر گهڙي پوڙهائپ ايندي وڃي ٿي، اهڙي طرح جنت ۾ هر گهڙي حُسن وڌندو رهندو. (2)

---

1...تنبيہ الغافلين، باب صفة الجنة واہلها، صفحہ:38 خلاصةً۔

2... موسوعہ ابن ابی الدنيا، صفة الجنة وما اعد الله لاہلها من النعيم، جلد:6صفحہ:329، رقم:13۔

چا تہ شان آهي...!! جنت ۾ فنا تہ آهي ئي نہ، اتي موت تہ اچڻو ئي ناهي، ان ڪري اتي ماڻهو موت جي طرف نہ وڌندا، پوڙهائپ ۽ ڪمزوري (Weakness) جي طرف نہ وڌندا بلڪ هر ايندڙ گهڙي جَنَّتين جي حُسن ۽ جمال ۾ اضافو ڪندي.

## جنت جي جمعو بازار

صحابيءِ رسول حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي، رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ جنت ۾ هڪ بازار آهي، جتي اهلِ جنت هر جمعي (Friday) تي ويندا. اتي اتر جي هوا هلندي، جيڪا انهن جي چهرن ۽ ڪپڙن ۾ سمائجي ويندي. ان جي ذريعي جَنَّتين جي حُسن و جمال ۾ اضافو ٿي ويندو، جڏهن هو پنهنجي گهرن ڏانهن موٽندا تہ انهن جا گهر وارا چوندا: وَاللّٰهِ لَقَدِ ازْدَدْتُمْ بَعْدَنَا حُسْنًا وَجَمَالًا خدا جو قسم! توهان جو حُسن و جمال پهرين کان وڌي ويو آهي. (1)

## جَنّتي نعمتون هميشه لاءِ آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! ڀانهي ڪي ڪا نعمت ملي، ان جي ڪا خواهش، ڪا تمنا پوري ٿئي تہ ان کي خوشي ضرور ٿيندي آهي پر جيڪڏهن اها نعمت، اها خواهش محدود مدت (Limited Time) لاءِ هجي تہ خوشي اڌوري رهجي ويندي آهي. ڪنهن شاعر (Poet) چيو هو:

وَصل کی شِیرِینی میں پنہاں فَصل کی تلخی بھی ہے کم کم
تم سے ملنے کی بھی خوشی ہے، تم سے جُدا ہونے کا بھی غم

خواهش تہ پوري ٿي وئي، نعمت تہ ملي وئي، ان جي خوشي پنهنجي جاءِ تي پر ان خوشي ۾ جدائي جو غم بہ شامل آهي. هڪ دفعو حضرت رابعہ بصريہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهَا فرمايو: جيڪڏهن ڪنهن شخص کي پوري دنيا ۽ جيڪو ڪجهہ ان ۾ آهي، سڀ ڪجهہ ڏئي ڇڏجي، پوءِ بہ اهو غريب (Poor) ئي رهندو. عرض

1...مسلم، كتاب الجنة و صفة نعيمها واہلها، باب فی سوق الجنة...الخ، صفحہ:1089، حديث:2833۔

ڪيو ويو: اهو ڪيئن؟ فرمايائون: ان ڪري جو دنيا فاني (Mortal) آهي (ماڻهو سڄي دنيا جو مالڪ ٿي وڃي، پوءِ بہ خالي هٿ ئي هتان ويندو). (1)

جیتنے دُنیا سکندر تھا چلا

جب گیا دُنیا سے خالی ہاتھ تھا (2)

پر قربان وڃجي! جنت جي سڀ ڪان خاص ڳالهہ اها آهي تہ اتي جون نعمتون عارضي (Temporary) نہ آهن، محدود مدت لاءِ نہ آهن بلڪ هميشہ هميشہ لاءِ آهن، نہ اتي موت ايندو، نہ ئي ڪنهن جَنَّتي کي ڪڏهن جنت مان ڪڍيو ويندو، نہ ڪنهن ڏنل نعمت کان ڪڏهن محروم ڪيو ويندو.

## جنت جي سڀ کان اعليٰ نعمت

رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جَنَّتي جڏهن جنت ۾ پهچي ويندا تہ هڪ اعلان ڪندڙ اعلان (Announcement) ڪندو: اي اهلِ جنت! توهان لاءِ الله پاڪ وٽ هڪ وعدو (Promise) آهي، جنهن کي اڄ پورو ڪيو ويندو. جَنَّتي عرض ڪندا: ڇا الله پاڪ اسان جا ترازو وزني نہ ڪيا؟ ڇا اسان جا چهرا روشن نہ فرمايا، ڇا اسان کي جهنم کان بچائي جنت ۾ داخل نہ فرمايو، پوءِ هاڻي ڪهڙو وعدو آهي؟ پوءِ ربِ ڪريم! پنهنجي وَجهِ ڪريم تان پردو هٽائي ڇڏيندو ۽ جَنَّتي پنهنجي رب جو ديدار ڪندا. ان ذات جو قَسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي! جَنَّتين کي جيڪو ڪجهہ عطا ڪيو ويندو، ان ۾ سڀ کان وڌيڪ محبوب نعمت انهن کي ربِ ڪريم جو ديدار ٿيندو. (3)

## جنت ۾ وٺي وڃڻ وارا عمل

پيارا اسلامي ڀائرو! هي عظيم الشان جنت...!! اهڙي اعليٰ نعمت...!! جتي هر خواهش پوري ٿيندي، نعمتون ئي نعمتون هونديون، آرام ئي آرام هوندو،

1...الكواكب الدريہ، رقم:95، رابعہ عدويہ، جز:1، جلد:1، صفحہ:287۔
2...وسائل بخشش، صفحہ:709۔
3...مسلم، كتاب الايمان، باب اثبات رويۃ المؤمنين فی الآخرة...الخ، صفحہ:87، حديث:181۔

سڪون ئي سڪون هوندو ۽ سڀ کان وڏيڪ اهو ته اتي الله پاڪ جو ديدار نصيب ٿيندو. هن جنت ۾ وڃڻ لاءِ اسان کي ڇا ڪرڻو پوندو؟ اچو! ڪجهه حديثون ٻڌون ٿا:

## الله پاڪ کان جنت گهرندا ڪيو!

حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪو بانهو الله پاڪ کان 3 ڀيرا جنت گهري، ته جنت چوندي آهي: اَللّٰھُمَّ اَدْخِلْهُ الْجَنَّةَ اي الله پاڪ! ان کي جنت ۾ داخل فرماءِ. [(1)]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! جنت ڪيڏي نه اعليٰ نعمت...!! ۽ جنت تائين پهچڻ جو طريقو ڪيڏو نه آسان آهي؟ روزانو 3 ڀيرا الله پاڪ کان جنت گهرڻ جي عادت (Habit) بڻائي ونو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيم! جنت نصيب ٿيندي.

وہ تو نہایت سستا سودا بیچ رہے ہیں جنّت کا
ہم مفلس کیا مول چکائیں اپنا ہاتھ ہی خالی ہے [(2)]

هڪ حديث شريف ۾ آهي: مَنْ تَكَفَّلَ لِي أَنْ لَا يَسْأَلَ النَّاسَ شَيْئًا، فَأَتَكَفَّلَ لَهُ بِالْجَنَّةِ جيڪو مون کي ان ڳالهه جي ضمانت ڏئي ته ماڻهن کان ڪجهه به نه گهرندو، مان ان کي جنت جي ضمانت (***Guarantee***) ڏيان ٿو. [(3)]

حضرت ثوبان رَضِيَ اللهُ عَنْه جيڪي رسولِ خدا جا صحابي آهن، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان هي فرمان ٻڌو، ته پاڻ ڪريم جي عادت اهڙي ٿي وئي هئي جو جيڪڏهن سواري تي وينيي سندن چابڪ ڪري پوندو هو ته پاڻ ڪنهن کي به کڻڻ جو نه فرمائيندا هئا، بلڪ پاڻ سواري تان لهي چابڪ (***Whip***) کڻندا هئا. [(4)]

1...ترمذی، کتاب صفة الجنة، باب ما جاء فی صفة انہار الجنة، صفحہ:605، حدیث:2572۔
2...حدائق بخشش، صفحہ:186۔
3...ابوداؤد، کتاب الزکاة، باب کراہیة المسئلة، صفحہ:269، حدیث:1643۔
4...ابوداؤد، کتاب الزکاة، باب کراہیة المسئلة، صفحہ:269، حدیث:1643۔

پيارا اسلامي ڀائرو! هي بہ ڪيترو آسان ڪم آهي...!! بس اهو ڪرڻو آهي تہ پنهنجي مدد پاڻ وارو قانون اپنائڻو آهي، جيڪي بہ ضرورت جون شيون آهن، ڪوشش ڪري پنهنجون ئي خريديو، پاڻ وٽ سنڀالي رکو، سفر تي وڃڻو هجي تہ سفر جون ضرورتون پاڻ وٽ اڳي ئي رکي ڇڏيو، بس ڪوشش ڪيو تہ ڪنهن کان ڪجهہ گهرڻو نہ پوي، ناحق سوال کان بہ بچو، گهر ۾ بہ ڪوشش اها ئي هجڻ گهرجي تہ مثال طور پاڻي پيئڻو آهي، گلاس گهرجي، ڪا ننڍي وڏي شيءِ کڻڻي آهي تہ جيڪڏهن آساني هجي تہ ٻارن کي، ٻارن جي امڙ کي تڪليف ڏيڻ بجاءِ پاڻ ئي ڪري ڇڏيو! بهرحال! ٻين کان گهرڻ کان جيترو تي سگهي، بچو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! جنت ۾ وڃڻ نصيب ٿيندو.

## مسجد کي پنهنجو گهر بڻايو

حضرت ابودردا رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي، رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مسجد هر خدا کان ڊڄڻ واري جو گهر آهي ۽ جيڪو ٻانهو مسجد کي پنهنجو گهر بڻائي، اللّٰه پاڪ ان جي لاءِ رحمت جي، پنهنجي رضا جي، پل صراط تان حفاظت سان گذرڻ جي ۽ جنت جي ضمانت ڏيندو آهي. (1)

کهڙي خوبصورت ڳالهہ آهي، مسجد سان گهرو تعلق بڻائيندا سين تہ رحمت بہ ملندي، اللّٰه پاڪ جي رضا بہ ملندي ۽ جنت ۾ وڃڻ بہ نصيب ٿي ويندو. افسوس! اڄڪلهہ ماڻهو مسجد سان اهڙو تعلق (***Relation***) رکن ٿا ڄڻ مسجد ڪو مسافرخانو هجي، اذان ٿي، مسجد ۾ آيا، نماز پڙهي ۽ واپس هليا ويا، هي بہ اقل القليل يعني تمام ٿورا ماڻهو ڪندا آهن، ڪيترا تہ اهڙا آهن جيڪي نمازن جي پرواهہ (***Care***) ئي ناهن ڪندا. اللّٰه پاڪ انهن کي توفيق بخشي ۽ اسان جي حال تي رحم فرمائي، خير! جيڪي نمازون پڙهندا آهن، انهن جو بہ هي حال آهي تہ آيا، نماز پڙهي ۽ هليا ويا جڏهن تہ اسان جي دڪان(***Shop***) ، اسان جي گهر سان اسان جو تعلق ڪهڙو هوندو آهي؟ ان جي

1...مجمع الزوائد، كتاب الصلاة، باب لزوم المساجد، جلد:2، صفحه:101، حديث:2026۔

بلڪل ابتڙ...!! جيئن اسان جي گھر ۾ دل لڳندي آهي، تيئن مسجد ۾ نہ لڳندي آهي. هي اسان جو حال آهي پر پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڇا فرمايو؟ مسجد کي پنهنجو گھر بڻايو...!!

هاڻ اسان کي اها تعليم ڏني پئي وڃي تہ جيڪو تعلق اسين اڄ پنهنجي گھر سان رکون ٿا، جهڙي دل جي وابستگي (*Affiliation*) گھر سان آهي، اهڙي وابستگي مسجد سان رکون! الله پاڪ جي نبي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام هڪ ڀيرو پنهنجي حوارين کي فرمايو: (اي حواريو...!! پنهنجي گھرن کي منزل (يعني عارضي قيام گاهہ) بڻايو! ۽ مسجدن کي پنهنجو مستقل (*Permanent*) (دائمي) ٺڪاڻو بڻايو...!! (1)

تنهنڪري وڌ کان وڌ وقت مسجد ۾ گذارڻ جي عادت بڻايو! جيستائين مسجد ۾ اعتڪاف جي نيت سان رهنداسين، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! نيڪين جو ميٽر هلندو رهندو شيطان کان بہ حفاظت رهندي جيستائين مسجد ۾ رهنداسين دنيا جي فضول ڪمن کان بہ بچت رهندي. مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مسجد جي فضا ايمان لاءِ تمام فائديمند آهي (جو ان سان ايمان مضبوط ٿيندو آهي) (2) حضرت سعيد بن مسيب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ٻانهو جيستائين مسجد ۾ رهندو آهي، ملائڪ ان لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا رهندا آهن. (3) سُبْحٰنَ الله!

هڪ ڳالهہ جي وضاحت ڪريان: اسان کي مسجد کي گھر بڻائڻ جي ترغيب ڏياري وئي، ان جو اهو مطلب هرگز ناهي تہ اسين مسجد سان اهڙو ئي رويو رکون جهڙو گھر سان رکندا آهيون ، نہ...!! نہ، مسجد جو تقدس، ان جو ادب ۽ احترام هر وقت ملحوظ رکڻ ضروري آهي، تمام گھڻا ڪم آهن جيڪي اسان گھر ۾ ڪري سگھون ٿا پر مسجد ۾ نٿا ڪري سگھون، جهڙوڪ: دنياوي ڳالهيون، خريد و فروخت، تيز آواز ۾ ڳالهائڻ ۽ کلڻ وغيره، هي ڪم

1...تاريخ مدينہ دمشق، عيسىٰ بن مريم، رقم:5519، جلد:47، صفحہ:423۔
2...تفسيرِ نعيمى ،پاره:2،البقره،زيرِ آيت: 153،جلد:2 ،صفحہ:82 بتغير قليل۔
3...تَنْبِيْهُ الْمُغْتَرِّين،الباب الثالث من جملة اخرى من الاخلاق،صفحہ:137۔

گهر ۾ تہ ڪري سگهون ٿا پر مسجد ۾ ڪرڻ منع آهي. لهٰذا مسجد ڪي پنهنجو گهر ضرور بڻايو، يعني ان سان گهري وابستگي رکو، وڌ کان وڌ وقت مسجد ۾ گذاريو، مسجد ۾ دل لڳايو ۽ ان سان گڏوگڏ مسجد جي ادب ۽ احترام کي بہ هر وقت ملحوظ رکو.

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

## شيخين سان محبت رکو!

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ باهر تشريف وٺي آيا، ڏنائون تہ سامهون کان حضرت ابوبڪر و عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُما اچي رهيا آهن. سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ کي مخاطب ڪري فرمايو: اي علي! ڇا توهان انهن ٻنهي شيخين سان محبت رکو ٿا؟ عرض ڪيائون: جي ها! يا رسولَ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! فرمايائون: اَحِبَّهُمَا تَدْخُلِ الْجَنَّة يعني انهن ٻنهي سان محبت ڪندا رهو! توهان جنت ۾ پهچي ويندؤ. (1)

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! صحابہء ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم خاص طورتي حضرت ابوبڪر و عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُما سان محبت ڪرڻ بہ جنت ۾ وٺي وڃڻ وارو عمل آهي.

هاڻي پاڻ غور فرمايو! جڏهن انهن سان محبت ڪرڻ وارو جَنَّتي آهي تہ هي پاڻ جَنَّتي ڇو نہ هوندا. ها! ها! مسلمانن جا هي ٻئي خليفا قطعي جَنَّتي بلڪ جنت وارن جا سردار آهن. پياري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ابوبڪر و عمر جَنَّتي پوڙهن جا سردار آهن. (2)

---

1...تاريخ بغداد، رقم:67، محمد بن اسحاق...الخ، جلد:1، صفحہ:262۔
2...مصنف ابن ابی شيبة، كتاب الفضائل، ما ذكر فی ابی بكر...الخ، جلد:7، صفحہ:473، حديث:19۔

يعني اهي ماڻهو جن کي پوڙهائپ ۾ موت ايندو ۽ اهي جنت ۾ ويندا، انهن ماڻهن جا سردار ابوبڪر و عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُما هوندا.

ہر صحابیٔ نبی! جنّتی جنّتی — سب صحابیات بھی! جنّتی جنّتی
چار یارانِ نبی! جنّتی جنّتی — حضرتِ صدّیق بھی! جنّتی جنّتی
اور عُمرِ فاروق بھی! جنّتی جنّتی — عُثمانِ غنی! جنّتی جنّتی
فاطمہ اور علی! جنّتی جنّتی — ہیں حسن حسین بھی! جنّتی جنّتی
والِدَین نبی! جنّتی جنّتی — ہر زوجۂ نبی! جنّتی جنّتی
اور ابو سُفیان بھی! جنّتی جنّتی — ہیں معاویہ بھی! جنّتی جنّتی (1)

## جنت ۾ وٺي وڃڻ وارا وڏيڪ عمل

پيارا اسلامي ڀائرو! هر نيڪي ئي جنت ۾ وٺي وڃڻ واري آهي، البته تمام گهٽا اهي نيڪ عمل جن تي جنت جي ضمانت ڏني وئي آهي، انهن مان ڪجھ وڏيڪ نيڪ عمل هي آهن: (1): سچ ڳالهائڻ (2): وعدو پورو ڪرڻ (3): امانتدار رهڻ (4): پنهنجي شرمگاهه جي حفاظت ڪرڻ (5): اکين کي جهڪائي رکڻ (6): پنهنجي هٿن کي گناهن کان روڪي رکڻ. رسولِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو مون کي انهن ڪمن جي ضمانت ڏئي، مان ان کي جنت جي ضمانت ڏيان ٿو.(2)

هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: توهان مون کي انهن 6 ڪمن جي ضمانت ڏيو، مان توهان کي جنت جي ضمانت ڏيان ٿو (اهي 6 ڪم هي آهن:) (1): نماز (2): زڪوات (3): امانت (4): شرمگاهه (5): پيٽ ۽ (6): زبان.(3)

---

1...وسائلِ فردوس، صفحہ:53۔
2...ابن حبان، کتاب البر والاحسان، باب الصدق والامر...الخ، صفحہ:190، حدیث:271۔
3...معجم اوسط، من اسمہ الفضل، جلد:3، صفحہ:396، حدیث:4925۔

هڪ **حديث پاڪ** ۾ فرمايائون: جيڪو ٻانهو صبح جو چوي: رَضِيتُ بِاللّٰهِ رَبًّا، وَبِالْاِسْلَامِ دِيْنًا، وَبِمُحَمَّدٍ نَبِيًّا (مان اللّٰه کي پنهنجو رب، اسلام کي پنهنجو دين ۽ محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجو نبي مڃي راضي آهيان)، مان ان جو هٿ پڪڙي ان کي جنت ۾ وٺي وڃڻ جي ضمانت ڏيان ٿو.[1]

## "القرآن الڪريم" ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوت اسلامي جي I.T ڊپارٽمنٽ طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آ هي: Al Quran Al Kareem (القرآن الڪريم). هن موبائل ايپلي ڪيشن ۾ مڪمل قرآن ڪريم پڙهڻ ۽ مختلف قارين جي آواز ۾ تلاوتِ قرآن ٻڌڻ جي سهولت موجود آهي ان سان گڏوگڏ ڪنهن مخصوص سورت يا آيت کي Bookmark به ڪري سگهجي ٿو يعني بار بار پڙهڻ واري سورت يا آيت کي Bookmark جي بدولت آساني سان ان تائين پهچي سگهجي ٿو، هي ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري وٺو، پاڻ به فائدو وٺو ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي اختتام طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ موجود غلط فهمي جي نشاندهي)

**مسئلو:** دوران خطبه نماز پڙهڻ مڪروهِ تحريمي ناجائز ۽ گناهه آهي.

**وضاحت:** ڪجهه ماڻهو جمعي جي ڏينهن ان وقت پهچندا آهن، جڏهن خطيب صاحب (عربي وارو) خطبو شروع ڪري چڪا هوندا آهن يا ڪڏهن ڪڏهن ٻي اذان ٿي رهي هوندي آهي ته ان وقت سنتون شروع ڪري ڏيندا آهن. ياد رکو! خطيب صاحب جڏهن منبر تي ويهي رهن يا (عربي وارو) خطبو شروع ڪري چڪا هجن، ان وقت سنتون يا ڪا به نماز پڙهڻ مڪروهِ تحريمي

---

1...معجم الڪبير، من اسمه منيذر، جلد:9، صفحه:78، حديث:17225.

ناجائز ۽ گناھ آهي. روايت ۾ آهي: عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ، وَابْنِ عُمَرَ اَنَّهُمَا كَانَا يَكْرَهَانِ الصَّلَاةَ وَالْكَلَامَ يَوْمَ الْجُمُعَةِ بَعْدَ خُرُوجِ الْاِمَامِ يعني حضرت عبدالله بن عباس ۽ حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهما (جيڪي بلند رتبي وارا صحابي آهن، هي ٻئي حضرات ذي وقار) خطيب جي منبر تي تشريف وٺي اچڻ کان پوءِ نماز پڙهڻ ۽ ڪلام ڪرڻ کي مڪروهِ (تحريمي) قرار ڏيندا هئا.

لھٰذا جيڪڏهن ڪو شخص جمعي جي ٻي اذان يا عربي خطبو شروع ٿيڻ کان پوءِ مسجد ۾ پهتو، ان کي گهرجي تہ خاموشي (***Silence***) سان ويهي خطبو ٻڌي جيڪڏهن سنتون شروع ڪري ورتائين تہ انهن کي ٽوڙڻ واجب آهي، ان تي لازم آهي تہ پوءِ انهن سنتن جي قضا ڪري ۽ جيڪڏهن دوران خطبہ سنتون شروع ڪيون ۽ مڪمل ڪري ورتائين تہ سنتون ادا ٿي وينديون پر گنهگار ٿيندو، جيڪڏهن خطبو شروع ٿيڻ کان پهريان ئي سنتون شروع ڪري ورتيون هيون، ساڳئي وقت خطبو شروع ٿي ويو تہ هاڻي نہ ٽوڙي بلڪ چار رڪعتون مڪمل ڪري وٺي.[1]

الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اسماء الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

### يَا رَقِيْبُ

يَا رَقِيْبُ 3 ڀيرا پڙهي ڦوڪون، ڦلڪِڻن تي دم ڪريو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! شفا نصيب ٿيندي.[2]

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

---

1...دار الافتا اہلسنت غير مطبوعہ، فتویٰ نمبر:wat:2020، ماہنامہ فيضان مدينہ رجب المرجب1441ھ ۔

2...مدنی پنج سورہ، صفحہ:252۔